# اَبلق گهوڙي سوار




قرباني واجب ٿيڻ لاءِ ڪيترو مال هجڻ گهرجي 6
عيب دار جانورن جو تفصيل جنهن جي قرباني نہ ٿيندي 10
قرباني جي وقت تماشو ڏسڻ ڪيئن آهي؟ 17
ٻڪري ڇُري ڏانهن ڏسي رهي هئي 19
مک تي رحم ڪرڻ مغفرت جو سبب بڻجي ويو 20
کاسائي جي لاءِ 20 مدني گل 28
گوشت جا 22 اجزا جيڪي نہ کائجن 36



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال
محمد الياس عطار قادري رضوي
دامت برڪاتهم العاليہ



مڪتبة المدينہ (دعوت اسلامی)
SC1286

# ابلق گهوڙي سوار

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَت بَرَکَاتُهُمُ العَالِيه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجِم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# اَبلق گهوڙي سوار

شيطان پلي ڪيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو اول تا آخر پڙهي وٺو. اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ قرباني جي باري ۾ ڪافي معلومات ملندي.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه، صاحبِ مُعَطَّر پسينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب مان جلدي نجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيو هوندو.

(الفردوس بماثور الخطاب ج 5 ص 277 حديث 8175)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَبلَق گهوڙي سوار

حضرت سيِّدنا احمد بن اسحاق عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الرَّزاق فرمائن ٿا: منهنجو ڀاءُ غربت جي باوجود الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي نيّت سان هر سال عيدالاَضحيٰ تي قرباني ڪندو هو، ان جي انتقال ڪان پوءِ مون هڪ خواب ڏٺو ته قِيامت قائم ٿي وئي آهي ۽ ماڻهو پنهنجي پنهنجي قبرن مان نڪري آيا آهن، اوچتو منهنجو مرحوم ڀاءُ هڪ اَبلَق (يعني چٽڪمري) گهوڙي تي سوار نظر آيو،

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

ان سان گڏ ٻيا ٻه ڪيترائي گھوڙا هئا، مون پڇا ڪئي ته يَا اَخِيُ! مَا فَعلَ اللّٰهُ تَعالٰي بِکَ؟ يعني اي منهنجا ڀاءُ! الله تعاليٰ توهان سان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ چوڻ لڳو: الله عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو، پڇا ڪئي: ڪهڙي عمل سبب؟ چيائين: هڪ ڏينهن ڪنهن غريب ٻُڍڙيءَ کي ثواب جي نيت سان مون هڪ درهم ڏنو هو، اهو ئي ڪم اچي ويو، پڇا ڪيائين: هي گھوڙا ڪهڙا آهن؟ چيائين: **اهي سڀ منهنجون عيدالاضحيٰ واريون قربانيون آهن ۽ جنهن تي مان سوار آهيان هي منهنجي سڀ کان پهرين قرباني آهي .** مون پڇا ڪئي: هاڻي ڪيڏانهن جو ارادو آهي؟ چيائين: جنّت جو اهو چئي ڪري منهنجي نگاهه کان غائب ٿي ويو.

(درة الناصحين ص 290)

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسانجي بخشش ٿئي.**

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!      صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”الله“ جي چار اکرن جي نسبت سان چار فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿1﴾ قرباني ڪرڻ واري کي قرباني جي هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي ملندي آهي. (ترمذي ج 3 ص 162 حديث 1498) ﴿2﴾ جنهن خوش دلي سان ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني ڪئي ته اها جهنّم جي باهه کان حِجاب (يعني روڪ) ٿي ويندي. (العجم الڪبير ج 3 ص 84 حديث 2736) ﴿3﴾ اي فاطمه! پنهنجي قرباني وٽ موجود رهو، ڇوته جڏهن ان جي رت جو پهريون قطرو ڪِرندو ته توهان جا سڀ گناهه معاف

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏھ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

ڪيا ويندا (السنن الڪبريٰ للبيهقي ج 9 ص 476 حديث 19161) ﴿4﴾ جنهن شخص کي قرباني ڪرڻ جي وُسعَت هجي پوءِ به قرباني نہ ڪري تہ اهو اسان جي عيد گاهہ ويجهو نہ اچي. (ابن ماجہ ج 3 ص 529 حديث 3123)

## ڇا قرض کڻي بہ قرباني ڪرڻي پوندي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻهو قرباني جي اِستِطاعت (يعني طاقت) رکڻ باوجود پنهنجي قرباني ادا نٿا ڪن انهن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي، اول اهو ئي خسارو (يعني نقصان) ڇا گهٽ آهي تہ قرباني نہ ڪرڻ سان ايڏي وڏي ثواب کان محروم ٿي ويا، وڌيڪ هي تہ اهو گنهگار ۽ جهنّم جو حقدار بہ آهي، فتاويٰ امجديہ جلد 3 صفحي 315 تي آهي: جيڪڏهن ڪنهن تي قرباني واجب آهي ۽ ان وقت ان وٽ پيسا نہ آهن تہ قرض وٺي يا ڪا شيءِ وڪڻي بہ قرباني ڪري.

## پُلصِراط جي سواري

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان خوشبودار آهي: انسان عيدالاَضحيٰ جي ڏينهن ڪا اهڙي نيڪي ناهي ڪندو جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ کي رت وهائڻ کان وڌيڪ پياري هجي، اها قرباني قِيامت ۾ پنهنجي سڱن، وارن ۽ کُرن سان ايندي ۽ قربانيءَ جو رت زمين تي ڪرڻ کان اڳ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ وٽ قبول ٿي ويندو آهي، تنهنڪري خوش دليءَ سان قرباني ڪريو . (ترمذي ج 3 ص 162 حديث 1498) مُحَقّق عَلَي الِاطلاق، خاتِمُ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس .

المُحَدِّثِين حضرت علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: قرباني پنهنجي ڪرڻ واري جي نيڪين جي پلڙي ۾ رکي ويندي جنهن سان نيڪين جو پلڙو وزني ٿي ويندو. (اشعة اللمعات ج 1 ص 654) حضرت سيدنا مُلا علي قاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ البَارِي فرمائن ٿا: پوءِ ان جي لاءِ سواري بڻجندي جنهن جي ذريعي اهو شخص آسانيءَ سان پلصراط تان گذرندو ۽ ان (جانور) جو هر عضوو مالڪ (يعني قرباني پيش ڪرڻ واري) جي هر عضوي (جي لاءِ جهنم کان آزادي) جو فِديو بڻجندو .

(مرقاة المفاتيح ج 3 ص 574 تحت حديث 1470، مراة ج 2 ص 375)

## قرباني ڪرڻ وارا ننهن ۽ وار نہ ڪٽن

مُفسّرشهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان هڪ حديث پاڪ (جڏهن عشره يعني ڏهو اچي وڃي ۽ توهان مان ڪو قرباني ڪرڻ چاهي تہ پنهنجي وارن ۽ کل کي بلڪل هٿ نہ لڳائي) جي تحت فرمائن ٿا: "يعني جيڪو امير واجب هئڻ جي سبب يا فقير نفلي طور تي قرباني ڪرڻ جو ارادو ڪري تہ اهو ذوالحِجّةِ الحرام جو چنڊ ڏسڻ کان قرباني ڪرڻ تائين ننهن، وار ۽ (پنهنجي جسم جي) مُردار چمڙي وغيره نہ ڪٽي ۽ نہ ڪٽرائي تہ جيئن حاجين سان ڪجهه مشابهت ٿي وڃي جو اهي اِحرام ۾ حجامت نہ ٿا ڪرائي سگهن، ۽ تہ جيئن قرباني هر وار ۽ ننهن (جي لاءِ جهنم کان آزادي) جو فِديو بڻجي وڃي، اهو حڪم اِسۡتِحۡبابِي آهي، وُجُوبي ناهي (يعني واجب ناهي، مُسۡتَحَب آهي حتي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي اللّٰه تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

الامڪان مُستَحَب تي عمل ڪرڻ گهرجي، البت ڪنهن وار يا ننهن ڪٽي ورتا تہ گناهہ بہ ناهي ۽ ائين ڪرڻ سان قرباني ۾ خلل ناهي ايندو، قرباني درست ٿي ويندي آهي) تنهنڪري قرباني واري جو حجامت نہ ڪرائڻ بهتر آهي، لازم ناهي. **ان مان معلوم ٿيو تہ سنّت سان مشابهت ڪرڻ بہ سنّي آهي .** (مرآة المناجيح ج 2 ص 370)

## غريبن جي قرباني

**مفتي صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: ”بلڪ جيڪو قرباني نہ ڪري سگهي اهو بہ هن ڏهاڪي (يعني **ذوالحِجّةِ الحرام** جي شروعاتي ڏهہ ڏينهن) ۾ حجامت نہ ڪرائي، عيدالاضحيٰ جي ڏينهن عيد نماز کان پوءِ حجامت ڪرائي تہ اِن شاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ (قرباني جو) ثواب ماڻيندو .“ (مرآة المناجيح ج 2 ص 374)

## مستحب ڪم جي لاءِ گناهہ جي اجازت ناهي

ياد رهي! چاليهہ ڏينهن جي اندر اندر ننهن ڪٽائڻ، بغلن ۽ ناف (يعني دُن) جي هيٺ جا وار صاف ڪرائڻ ضروري آهي 40 ڏينهن کان وڌيڪ تاخير گناهہ آهي، **منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: هي (يعني **ذوالحِجّةِ الحرام** جي شروعاتي ڏهہ ڏينهن ۾ ننهن ڪٽڻ جو) حڪم صرف اِستِحبابي آهي ڪري تہ بهتر آهي، نہ ڪري تہ ڪو حرج ناهي، نہ هن کي حڪم عدولي (يعني نافرماني) چئي سگهون ٿا، نہ قرباني ۾ نقص (يعني خامي) اچڻ جو ڪو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

سبب، بلڪ جيڪڏهن ڪنهن شخص 31 ڏينهن کان ڪنهن عذر سبب چاهي بنا عذر ننهن نه ڪٽيا، ۽ ذوالحج جو چنڊ نظر اچي ويو، اهو جيتوڻيڪ قرباني جو ارادو رکي ٿو، ان مستحب تي عمل نٿو ڪري سگهي، هاڻي ڏهين تائين رکندو ته ننهن ڪڙائڻ کي ايڪتاليهه ڏينهن ٿي ويندا ۽ چاليهه ڏينهن کان وڌيڪ نه ڪٽائڻ گناهه آهي، مستحب فعل جي لاءِ گناهه نٿو ڪري سگهي. (ملخص از فتاويٰ رضويه ج 20 ص 353، 354)

## قرباني واجب ٿيڻ لاءِ ڪيترو مال هجڻ گهرجي

هر بالغ، مقيم، مسلمان مرد ۽ عورت، مالڪِ نصاب تي قرباني واجب آهي (عالمگيري ج 5 ص 292) مالڪِ نصاب هئڻ سان مراد هي آهي ته ان شخص وٽ ساڍا ٻاونجهه تولا چاندي يا ايتري ماليت جي رقم، يا ايتري ماليت جو واپار جو مال، يا ايتري ماليت جو حاجت اصليه کان علاوه سامان هجي ۽ ان تي الله عَزَّوَجَلَّ يا ٻانهن جو ايترو قرض نه هجي جنهن کي ادا ڪرڻ کان پوءِ ذڪر ڪيل نصاب باقي نه رهي. فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: **حاجت اصليه** (يعني ضرورياتِ زندگي) مان مراد اهي شيون آهن جنهن جي عام طور انسان کي ضرورت هوندي آهي ۽ ان کان بغير گذاري ۾ شديد تنگي ۽ دشواري محسوس ٿيندي هجي جيئن رهڻ جو گهر، پائڻ جا ڪپڙا، سواري، ديني علم جي باري ۾ ڪتاب ۽ پيشي جي لاءِ اوزار وغيره (الهدايه ج 1 ص 96) جيڪڏهن

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: **جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .**

”حاجت اصليہ“ جي تعريف پيش نظر رکي وڃي تہ بخوبي خبر پوندي تہ ”اسان جي گهرن ۾ بي شمار شيون“ اهڙيون آهن جيڪي **حاجت اصليہ** ۾ داخل نہ آهن، تنهنڪري انهن جي قيمت ”ساڍا ٻاونجھ تولا چاندي“ جي برابر پهچي وڃي تہ قرباني واجب ٿيندي، منهنجا آقا **اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاھہ امام احمد رضا خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن کان **سوال** ڪيو ويو تہ ”جيڪڏهن زيد وٽ رهڻ واري گهر جي علاوه هڪ ٻہ (يعني وڌيڪ گهر) هجن تہ ان تي قرباني واجب ٿيندي يا نہ؟“ **الجواب:** واجب آهي، جڏهن تہ اهو اڪيلو گهر يا ان جي ٻي مال (جيڪو حاجت اصليہ کان وڌيڪ هجي) سان ملي ڪري چاونجھ روپيا (يعني ايتري ماليت جيڪا ساڍا ٻاونجھ تولا چاندي جي برابر هجي) جي قيمت کي پهتو، جيتوڻيڪ ان گهرن کي ڪرايي تي ڏيندو هجي يا خالي پيا هجن يا سادي زمين هجي بلڪ (جيڪڏهن) رهائشي گهر ايترو وڏو آهي جو ان جو هڪ حصو ان (شخص) جي لاءِ سياري ۽ گرمي (ٻنهي) جي رهائش جي لاءِ ڪافي هجي ۽ ٻيو حصو حاجت کان وڌيڪ هجي ۽ ان (ٻي حصي) جي قيمت اڪيلي يا اهڙي قسم جي (حاجت اصليہ) کان وڌيڪ مال کان ملي ڪري نصاب تائين پهچي تڏهن بہ قرباني واجب آهي.(فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 361)

## وقت جي اندر شرط پايا ويا تڏهن قرباني واجب ٿيندي

مال ۽ ٻيا شرط قرباني جي ڏينهن (يعني 10 ذوالحِجّہ جي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

صبح صادق کان 12 ذوالحِجّةِ الحرام جي سج لهڻ تائين) ۾ پايا وڃن تڏهن قرباني واجب ٿيندي، هن مسئلي کي بيان ڪندي صدرُ الشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي "**بهار شريعت**" ۾ فرمائن ٿا: هي ضروري ناهي ته ڏهين جي ڏينهن ئي قرباني ڪري، ان جي لاءِ گنجائش آهي ته پوري وقت ۾ جڏهن چاهي ڪري، تنهنڪري جيڪڏهن ابتدائي وقت ۾ (10 ذوالحج جي صبح) ان جو اهل نه هو، وُجُوب جا شرط نه پايا ويا ۽ آخري وقت ۾ (يعني 12 ذوالحِجَّه جي سج لهڻ کان پهريان) اهل ٿي ويو يعني وُجوب جا شرط پايا ويا ته ان تي قرباني واجب ٿي وئي ۽ جيڪڏهن ابتدائي وقت ۾ واجب هئي ۽ اجا (قرباني) ڪئي نه ۽ آخري وقت ۾ شرط ويندا رهيا ته (قرباني) واجب نه رهي. (عالمگيري ج 5 ص 293)

## "قرباني به واجب آ" جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان قربانيءَ جا 12 مدني گُلَ

﴿1﴾ ڪجھ ماڻهو پوري گهر جي طرفان هڪ ٻڪر قربان ڪندا آهن حالانڪ ڪڏهن ڪڏهن گهر جا ڪئي ڀاتي صاحبِ نصاب هوندا آهن، تنهنڪري سڀني تي قرباني واجب هوندي آهي انهن سڀني جي طرفان الڳ الڳ قرباني ڪئي وڃي، هڪ ٻڪر جيڪو سڀني جي طرفان ڪيو ويو ته ڪنهن جو واجب ادا نه ٿيو جو ٻڪري ۾ هڪ کان وڌيڪ حصا نٿا ٿي سگهن، ڪنهن هڪ طئي شدا شخص جي طرفان ٻڪر قربان ٿي سگهي ٿو.

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي .

﴿2﴾ ڳئون (مينهن) ۽ اُٺَ ۾ ست قربانيون (يعني پتيون) ٿي سگهن ٿيون . (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 304)

﴿3﴾ نابالغ جي طرفان جيتوڻيڪ واجب ناهي پر ڪرڻ بهتر آهي ۽ اجازت بہ ضروري ناهي. بالغ اولاد يا گهرواريءَ جي طرفان قرباني ڪرڻ چاهي تہ انهن کان اجازت وٺي، جيڪڏهن انهن کان اجازت وٺڻ جي بغير ڪري ڇڏيائين تہ انهن جي طرفان واجب ادا نہ ٿيندو (عالمگيري ج 5 ص 293، بهارشريعت ج 3 ص 428) اجازت ٻن طريقن سان ٿيندي آهي: (1) صراحةً (يعني واضح طور تي) مثال طور انهن مان ڪو واضح طور تي چئي ڇڏي تہ منهنجي طرفان قرباني ڪر. (2) دلالةً يعني (understood) هجي، مثلاً اهو پنهنجي گهرواريءَ يا اولاد جي طرفان قرباني ڪري ٿو ۽ انهن کي ان جو علم آهي ۽ اهي راضي آهن . (فتاويٰ اهلسنت غير مطبوعہ)

﴿4﴾ قربانيءَ جي وقت ۾ قرباني ڪرڻ ئي لازم آهي ڪا بي شيءِ ان جي قائم مقام ٿي نہ سگهندي، مثلاً قرباني ڪرڻ جي بدران ٻڪر يا ان جي قيمت صدقو ڪئي وڃي اهو ناڪافي آهي. (بهارشريعت ج 3 ص 335 ، فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص293)

﴿5﴾ قربانيءَ جي جانور جي عمر: اُٺُ پنج سالن جو، ڳئون يا مينهن ٻن سالن جي، ٻڪر (هن ۾ ٻڪري، دنبو، رڍ ۽ گهيٽو (نر ۽ مادي) شامل آهن) هڪ سال جو. ان کان گهٽ عمر جو هجي تہ قرباني جائز ناهي، وڌيڪ هجي تہ جائز بلڪ افضل آهي. ها دُنبي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

يا رڍ جو ڇهه مهينن جو ٻچو جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جو پري کان ڏسڻ ۾ هڪ سال جو معلوم ٿئي ته ان جي قرباني جائز آهي . (در مختار ج 9 ص 533) ياد رکو! مطلقاً (يعني صرف) ڇهه مهينن جي ڏُنبي جي قرباني ڪرڻ جائز ناهي بلڪ ان جو ايترو صحتمند ۽ قد آور هجڻ ضروري آهي جو پري کان ڏسڻ ۾ هڪ سال جو لڳي. جيڪڏهن 6 مهينن بلڪ سال مان هڪ ڏينهن به گهٽ عمر جو ڏُنبي يا رڍ جو ٻچو پري کان ڏسڻ ۾ هڪ سال جو نه ٿو لڳي ته ان جي قرباني نه ٿيندي .

**﴿6﴾** قرباني جي جانور جو بي عيب هئڻ ضروري آهي جيڪڏهن ٿورڙو به عيب هوندو (مثلاً ڪن چيريل هجي يا ڪن ۾ سوراخ هجي) ته قرباني مڪروهه ٿيندي ۽ گهڻو عيب هوندو ته قرباني نه ٿيندي . (بهار شريعت ج 3 ص 340)

## عيب دار جانورن جو تفصيل جنهن جي قرباني نه ٿيندي

**﴿7﴾ اهڙو** پاڳل جانور جيڪو چرندو نه هجي، ايترو ڪمزور جو هڏن ۾ مِکُ نه هجي، (ان جي علامت هي آهي ته اهو ڪمزوري جي ڪري بيهي نه سگهي) انڌو يا اهڙو ڪاڻو جنهن جي ڪاڻائپ ظاهر هجي، اهڙو بيمار جنهن جي بيماري ظاهر هجي، (يعني جيڪو بيماري جي ڪري چارو نه کائي) اهڙو منڊو جيڪو خود پنهنجي پيرن سان قربان گاهه تائين نه وڃي سگهي، جنهن جا پيدائشي ڪن نه هجن يا هڪ ڪن نه هجي وحشي (يعني جنگلي)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا .

جانور جيئن نيل ڳئون، جنگلي ٻڪرو يا خُنثيٰ جانور جيئن (يعني جنهن ۾ نر ۽ مادي ٻئي علامتون هجن) يا جَلّالہ جيڪا صرف غليظ کائيندو هجي يا جنهن جو هڪ پير ڪٽيل هجي، ڪن، پُڇ يا چڪي (يعني رڍ جو پويون) حصو هڪ ٽياڱي تي (1/3)ڪان وڌيڪ ڪٽيل هجي، نڪ ڪٽيل هجي، ڏند نہ هجن، (يعني ڪِري ويا هجن) ٿڻ ڪٽيل هجن يا خشڪ هجن انهن سيني جي قرباني ناجائز آهي، ٻڪري ۾ هڪ ٿڻ جو خشڪ هجڻ ۽ ڳئون يا مينهن ۾ ٻن جو خشڪ هجڻ ناجائز هئڻ جي لاءِ ڪافي آهي .

(در مختار ج 9 ص 535-337 بهار شريعت ج 3 ص 341،340)

《8》 جنهن جا پيدائشي سڱ نہ هجن ان جي قرباني جائز آهي ۽ جيڪڏهن سڱ هئا پر ٽٽي ويا، جيڪڏهن پاڙان ٽٽا آهن تہ قرباني نہ ٿيندي صرف مٿان ٽٽا آهن، پاڙ سلامت آهي تہ ٿي ويندي .
(فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 279)

《9》 قرباني ڪرڻ وقت جانور ٽِپا وغيره ڏنا جنهن جي ڪري عيب پيدا ٿي ويو تہ هي عيب نقصان ڪار نہ آهي يعني قرباني ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن ٽپا ڏيڻ جي ڪري عيب پيدا ٿي ويو ۽ اهو ڇٽي ڀڄي ويو ۽ هڪدم پڪڙي ڪٺي آيا ۽ ذبح ڪيو ويو تڏهن بہ قرباني ٿي ويندي.

(در مختار و ردالمحتار ج 9 ص 539 بهار شريعت ج 3 ص 342)

《10》 بهتر هي آهي تہ پنهنجي قرباني پنهنجي هٿ سان ڪري جڏهن تہ چڱيءَ طرح ذبح ڪرڻ ڄاڻيندو هجي ۽ جيڪڏهن چڱي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي .

طرح نہ ڄاڻيندو هجي تہ ٻئي کي ذبح ڪرڻ جو حڪم ڏي پر ان صورت ۾ بهتر هي آهي تہ قربانيءَ جي وقت اتي موجود هجي . (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 300)

﴿11﴾ قرباني ڪيائين ۽ ان جي پيٽ مان زنده ٻچو نڪتو تہ ان کي بہ ذبح ڪري ڇڏي ۽ ان (يعني ٻچي) کي کائي سگهجي ٿو ۽ مئل ٻچو هجي تہ ان کي اڇلائي ڇڏي جو اهو مردار آهي . (بهار شريعت ج 3 ص 348) (قرباني تي وئي ۽ مئل ٻچي جي ماءَ جو گوشت کائي سگھو ٿا)

﴿12﴾ ٻئي کان ذبح ڪرايو ۽ خود پنهنجو هٿ بہ ڇري تي رکيائين جو ٻنهي گڏجي ذبح ڪيو، تہ ٻنهي تي بِسۡمِ الله چوڻ واجب آهي، ڪنهن هڪ بہ ڄاڻي واڻي الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو نہ ورتو يا هي خيال ڪري ڇڏي ڏنائين تہ ٻئي چئي ڇڏيو آهي مون کي چوڻ جي ضرورت ناهي تہ ٻنهي صورتن ۾ جانور حلال نہ ٿيو . (درمختار ج 9 ص 551)

## ذبح ۾ ڪيتريون رڳون ڪٽڻ گهرجن؟

صدرالشَّريعہ، بدر الطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: جيڪي رڳون ذبح ۾ ڪٽيون وينديون آهن اهي چار آهن، **حُلقُوم** هي اها جنهن ۾ ساهہ ايندو آهي، **مُري** ان مان کاڌو پاڻي ويندو آهي ان ٻنهي جي آس پاس ٻِيون بہ رڳون جنهن ۾ رت جي گردش هوندي آهي ان کي **وَدُجَين** چوندا آهن، ذبح جي چار رڳن مان ٽن جون ڪٽجي وڃڻ ڪافي آهي يعني ان صورت ۾ بہ جانور حلال ٿي ويندو تہ اڪثر جي لاءِ اهو ئي حڪم آهي جيڪو ڪُل جي لاءِ آهي ۽ جيڪڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينھن درود شريف پڙھندو آءُ قيامت جي ڏينھن ان جي شفاعت ڪندس.

چئني مان ھر ھڪ جو اڪثر حصو ڪٽجي ويو تڏھن بہ حلال ٿي ويندو ۽ جيڪڏھن ھر رڳ اڌ اڌ ڪٽجي وئي ۽ اڌ باقي آھي تہ حلال ناھي. (بھار شريعت ج 3 ص 312، 313)

## قربانيءَ جو طريقو

(چاھي قرباني ھجي يا ھونئن ئي ذبح ڪرڻو ھجي) سنّت ھي ھلندي آئي آھي تہ ذبح ڪرڻ وارو ۽ جانور ٻئي قبلي رخ ھجن، اسان جي علائقي (يعني پاڪ ۽ ھند) ۾ قبلو اولھہ (WEST) ۾ آھي، انھيءَ ڪري جانور جو مٿو ڏکڻ (SOUTH) جي طرف ھئڻ گھرجي تہ جيئن کاٻي پاسي ليٽيل ھجي ۽ ان جي پٺي اوڀر (EAST) طرف ھجي تہ جيئن ان جو منھن قبلي ڏانھن ٿي وڃي ۽ ذبح ڪرڻ وارو پنھنجو ساڄو پير جانور جي ڪنڌ جي ساڄي (پاسي واري) حصي تي رکي ذبح ڪري، جيڪڏھن پنھنجو يا جانور جو منھن قبلي ڏانھن نہ ڪيو تہ مڪروھ آھي . (فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 216،217)

## قرباني جو جانور ذبح ڪرڻ ڪان اڳ ھي دعا پڙھي وڃي

اِنِّیۡ وَجَّہۡتُ وَجۡہِیَ لِلَّذِیۡ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ حَنِیۡفًا وَّ مَاۤ اَنَا مِنَ الۡمُشۡرِکِیۡنَ ﴿۷۹﴾ (1) اِنَّ صَلَاتِیۡ وَ نُسُکِیۡ وَ مَحۡیَایَ وَ مَمَاتِیۡ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۱۶۲﴾ (2) لَا شَرِیۡکَ لَہٗ ۚ وَ بِذٰلِکَ اُمِرۡتُ وَ اَنَا مِنَ الۡمُسۡلِمِیۡنَ (3)

(1) ترجمو ڪنزالايمان: مون پنھنجو منھن ان جي طرف ڪيو جنھن آسمان ۽ زمين بڻايا، فقط ان جو ٿي ڪري ۽ مان مشرڪن مان نہ آھيان. (پ 7، انعام 79) (2) بيشڪ منھنجي نماز ۽ منھنجيون قربانيون ۽ منھنجو جيئڻ ۽ منھنجو مرڻ سمورو الله جي واسطي آھي، جيڪو سمورن جھان جو رب آھي.(پ 7، انعام 162) (3) ان جو ڪوئي شريڪ ناھي مون کي اھوئي حڪم آھي ۽ مان مسلمانن ۾ آھيان. (بھار شريعت ج 3 ص 352)

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ہ سؤ سالن جا گناھ معاف ڪيا ويندا.

پوءِ جانور جي ڪنڌ جي پرسان واري پاسي تي پنهنجو ساڄو پير رکي ڪري اَللّٰھُمَّ لَکَ وَمِنْکَ بِسْمِ اللهِ اَللهُ اَکْبَر[1] پڙهي ڪري تيز ڇريءَ سان جلد ذبح ڪريو، قرباني پنهنجي طرفان هجي تہ ذبح کان پوءِ هي دعا پڙهو: اَللّٰھُمَّ تَقَبَّلْ مِنِّي کَمَا تَقَبَّلْتَ مِنْ خَلِيْلِکَ اِبْرَاهِيْمَ عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ وَحَبِيْبِکَ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهِ وَسَلَّم[2] جيڪڏهن ٻئي جي طرف کان قرباني ڪريو تہ مِنّي جي بدران مِنْ چئي ڪري ان جو نالو وٺو. (ذبح ڪرڻ وقت پيٽ تي پير يا گوڏو نہ رکو جو اهڙي طرح ڪڏهن رت جي علاوہ غذا بہ نڪرڻ لڳندي آهي)

**مدني التجا:** قربانيءَ ۾ ڏسي ڪري دعا پڙهڻ وقت رسالي تي ناپاڪ رت نہ لڳڻ گهرجي ان جو خيال ڪريو.

## ٻڪري جنّتي جانور آهي

ٻڪري جي عزت ڪرو ۽ ان تان مٽي ڇنڊيو ڇو تہ هي جنتي جانور آهي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 1 ص 69 حديث 201)

## جانورن تي رحم جي اپيل

ڳئون وغيرہ کي ليٽائڻ کان اڳ ۾ ئي قبلي جي طرف جو تَعَيُّن ڪري ڇڏجي، ليٽائڻ کان پوءِ بالخصوص پٿريلي زمين تي گهلي ڪري قبلي رخ ڪرڻ بي زبان جانور جي لاءِ تڪليف جو

(1) يعني اي الله تنهنجي لاءِ ئي ۽ تنهنجي ڏنل توفيق سان، الله جي نالي سان شروع الله سڀ کان وڏو آهي. (2) يعني اي الله منهنجي طرفان قبول فرماءِ جهڙي طرح تون پنهنجي خليل ابراهيم علٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ پنهنجي حبيب محمّد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف کان قبول فرمائي. (بهار شريعت ج 3 ص 352)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

سبب آهي . ذبح ڪرڻ ۾ ايترو نہ ڪٽيو جو ڇُري ڪنڌ جي مڻڪي (هڏي) تائين پهچي وڃي تہ اها بنا سبب تڪليف آهي، پوءِ جيستائين جانور مڪمل طور تي ٿڌو نہ ٿي وڃي، نہ ان جا پير ڪٽيو نہ کل لاهيو، بهرحال ذبح ڪرڻ کان پوءِ جيستائين روح نہ نڪري وڃي ڇري بلڪل بہ جسم سان نہ لڳايو، ڪجھ ماڻهو ڳئون کي جلد ”ٿڌو“ ڪرڻ لاءِ ذبح کان پوءِ ڪنڌ جي کل لاهي ڇري هٽي ڪري دل جون رڳون ڪٽيندا آهن، اهڙي طرح ٻڪر کي ذبح ڪرڻ کان فورًا بعد ڪنڌ ڀڃي ڇڏيندا آهن، بي زبانن تي اهڙي طرح ظلم نہ ڪيو وڃي، جنهن کان ٿي سگهي ان جي لاءِ ضروري آهي تہ جانور کي بنا سبب تڪليف پهچائڻ واري کي روڪي، جيڪڏهن قدرت باوجود نہ روڪندو تہ پاڻ بہ گنهگار ۽ جهنم جو حقدار آهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهارِ شريعت**“ جلد 3 صفحي 660 تي آهي: ”جانور تي ظلم ڪرڻ ذمي ڪافر تي (هاڻي دنيا ۾ سڀ ڪافر حربي آهن) ظلم ڪرڻ کان برو آهي ۽ ذمي تي ظلم ڪرڻ مسلمان تي ظلم ڪرڻ کان بہ برو آهي ڇو تہ جانور جو ڪو مددگار ۽ والي وارث الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ناهي ان غريب کي هن ظلم کان ڪير بچائي!“.

(درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 662)

## مرڻ کان پوءِ مظلوم جانور مُسَلط ٿي سگهي ٿو

ذبح ڪرڻ کان پوءِ روح نڪرڻ کان پهريان ڇريون هلائي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تعالٰى عليه واٰله وسلم : اُن شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي.

ڪري بي زبان جانورن کي بلاوجہ تڪليف ڏيڻ وارن کي ڊڄڻ گهرجي تہ ڪٿي مرڻ کان پوءِ اهي ئي جانور مُسَلَّط نہ ڪيا وڃن. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1012 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جہنم میں لے جانے والے اعمال“ جلد 2 صفحي 323 کان 324 تي آهي: انسان ناحق ڪنهن چوپائي کي ماريو ۽ ان کي بکايل اجايل رکيو ان کان طاقت کان وڌيڪ ڪم ورتو تہ قيامت جي ڏينهن ان کان ان جي مثل بدلو ورتو ويندو جيڪو ان جانور تي ظلم ڪيو يا ان کي بکيو رکيو، ان تي هيٺ ڏنل حديث شريف دلالت ڪري ٿي، جيئن رحمتِ عالم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهنم ۾ هڪ عورت کي انهيءَ حال ۾ ڏٺو تہ اها لٽڪيل آهي ۽ هڪ ٻلي ان جي چهري ۽ سيني کي رهڙي رهي آهي ۽ ان کي اهڙو ئي عذاب ڏئي رهي آهي جهڙو ان (عورت) دنيا ۾ قيد ڪري ۽ ان کي بکيو رکي ڪري ان کي تڪليف ڏني هئي هن روايت جو حڪم تمام جانورن جي باري ۾ عام آهي. (الزواجر ج 2 ص 174)

کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُوالله
صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قربانيءَ جي وقت تماشو ڏسڻ ڪيئن آهي؟

قرباني جو جانور پنهنجي هٿ سان ذبح ڪرڻ افضل آهي ۽ ذبح ڪرڻ وقت آخرت جي ثواب جي نيّت سان اتي موجود رهڻ به افضل، پر اسلامي ڀيڻ ان وقت هتي ٻيهي سگهي ٿي جڏهن ته بي پردگي جي ڪا صورت نه هجي مثلاً پنهنجي گهر جي چارديواري هجي، ذابِح (يعني ذبح ڪرڻ وارو) مَحرم هجي ۽ حاضرين مان به ڪو نامحرم نه هجي، ها غير مَحرم نابالغ ڇوڪرو موجود هجي ته حرج ناهي، باقي صرف دل وندرائڻ خاطر تفريح جي طور تي ذبح ٿيندڙ جانور جي چوڌاري ٻيهڻ، ان جي رڙيون ڪرڻ ۽ تڙپڻ ۽ ڦٿڪڻ سان مزو وٺڻ، کلڻ، ٺهڪ ڏيڻ ۽ ان جو تماشو بڻائڻ سراسر غفلت جي نشاني آهي، ذبح ڪرڻ وقت يا پنهنجي قرباني ٿي رهي هجي ان وٺ موجود رهڻ وقت اداءِ سنّت جي نيّت هجڻ گهرجي، ۽ هيءَ به نيّت ڪريو ته مان راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ جهڙي طرح اڄ جانور قربان ڪري رهيو آهيان، ضرورت مهل اِن شاءَاللہ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي جان به قربان ڪندس، ۽ هيءَ به نيّت هجي ته جانور ذبح ڪري پنهنجي نفسِ اَمّاره کي به ذبح ڪري رهيو آهيان ۽ آئنده گناهن کان بچندس . ذبح ٿيڻ واري جانور تي رحم ڪائي ۽ غور ڪري جيڪڏهن ان جي جڳهه تي مون کي ذبح ڪيو وڃي ها ۽ ماڻهو تماشو ڪن ها ۽ ٻار تاڙيون وڄائن ها ته منهنجي حالت ڇا هجي ها!

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنھن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

## ذَبيحه کي آرام پهچايو

حضرت سيّدنا شدّاد بن اَوس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سيّدُ المُرسَلين، خاتمُ النَّبِيّين، رَحمة لِّلعٰلمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: الله تعاليٰ هر شيءِ سان نيڪي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، تنهنڪري جڏهن توهان ڪنهن کي قتل ڪيو تہ اَحسن (يعني تمام سٺي) طريقي سان قتل ڪيو جڏهن توهان ذبح ڪيو تہ احسن (يعني تمام سٺي) طريقي سان ذبح ڪيو ۽ توهان پنهنجي چري کي سٺي طريقي سان تيز ڪري ونندا ڪيو ۽ ذبيحه کي آرام ڏيندا ڪيو، (صحيح مسلم ص 1080 حديث 1955) ذبح جي وقت رضاءِ الٰهي جي نيت سان جانور تي رحم ڪائڻ ثواب جو ڪم آهي جيئن هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: **يارسول الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي ٻڪري ذبح ڪندي رحم ايندو آهي، فرمايائون: جيڪڏهن توهان ان تي رحم ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ بہ توهان تي رحم فرمائيندو.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 5 ص 304 حديث 15592)

## جانور کي ٻڪيو پياسو ذبح نہ ڪيو

صدر الشّريعه، بدرالطّريقه حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: قرباني کان پهريان ان کي چارو پاڻي ڏي، يعني بُکايل اڃايل رکي ذبح نہ ڪيو ۽ هڪ جي سامهون ٻي کي ذبح نہ ڪيو ۽ پهريان کان چري تيز ڪري ونو ائين نہ ٿئي جو جانور کي ليٽائڻ کان پوءِ ان جي سامهون چري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالیٰ عليه واٰله وسلّم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

تيز ڪئي وڃي (بهار شريعت جلد 3 ص 352) هت هڪ عجيب ۽ غريب حڪايت ملاحظ ڪيو، جيئن حضرت سيدنا ابو جعفر عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الاكبر فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون ذبح ڪرڻ جي لاءِ ٻڪري ليٽائي ته ايتري ۾ مشهور بزرگ حضرت سيدنا ايوب سختِياني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي هيڏانهن اچي نڪتا، مان ڇري زمين تي رکي ڳالهين ۾ لڳي ويس، ان دوران ٻڪري ديوار جي بنياد ۾ پنهنجي کُرن سان هڪ کڏ کوٽي ۽ پير سان ان ۾ ڇري اڇلائي ڇڏي ۽ ان تي مٽي وجهي ڇڏي! حضرت سيدنا ايوب سختِياني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائڻ لڳا: اري ڏسو ته سهي! ٻڪري هي ڇا ڪيو آهي! هي ڏسي مون پڪو عزم ڪيو ته هاڻي ڪڏهن به ڪنهن جانور کي پنهنجي هٿ سان ذبح نه ڪندس. (حياة الحيوان ج 2 ص 61)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ هي مراد ناهي ته ذبح ڪرڻ ڪو غلط ڪم آهي، بس ان طرح جا واقعه بزرگن جي ڪيفيت کي ظاهر ڪن ٿا، جڏهن ته مسئلو هي آهي ته پنهنجي هٿ سان ذبح ڪرڻ سنت آهي.

## ٻڪري ڇُري ڏانهن ڏسي رهي هئي

مديني جا سلطان، رَحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص جي ويجهو کان گذريا، اهو ٻڪري جي گردن تي پير رکي ڇُري تيز ڪري رهيو هو ۽ ٻڪري ان ڏانهن ڏسي رهي هئي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ارشاد فرمايو: ڇا

توهان ٻڪريان ائين نه ڀيا ڪري سگهو؟ ڇا توهان ان کي ڪئي موت مارڻ چاهيو ٿا؟ ان کي ليٽائڻ کان ٻهريان پنهنجي ڇُري تيز ڇو نه ڪري ورتي؟ (المستدرڪ للحاڪم ج 5 ص 327 حديث 7637، السنن الڪبريٰ للبيهقي ج 9 ص 471 ج 9 ص 471 حديث 9141 ملتقطا من الحديثين)

## ذبح جي ٽنگ نه ڇڪيو!

اميرُالمُومِنِين، حضرت سيدنا فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ شخص کي ڏنو جيڪو ٻڪري کي ذبح ڪري ان کي ٽنگ کان پڪڙي ڪري ڇڪي رهيو هو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ارشاد فرمايو: تنهنجي لاءِ خرابي ٿئي، ان کي موت ڏانهن سني انداز سان وٺي وڃ. (مصنف عبدالرزاق ج 4 ص 372 حديث 8636)

## مک تي رحم ڪرڻ مغفرت جو سبب بڻجي ويو

ڪنهن خواب ۾ حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الوَالِی کي ڏسي ڪري ڇيا ڪئي: مَا فَعَلَ اللّٰہُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: الله عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو، ڇيا ڪئي؟ مغفرت جو سبب ڇا ٿيو؟ فرمايائون: هڪ مک مس (INK) پيئڻ جي لاءِ منهنجي قلم تي ويٺي، مان لکڻ کان رڪجي ويس ايستائين جو اها فارغ ٿي اُڏامي وئي. (لطائف المنن والاخلاق للشعراني ص 305)

## مک کي مارڻ ڪيئن؟

ياد رهي! مکيون تنگ ڪن ته انهن کي مارڻ جائز آهي پوءِ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

۽ جيڪڏهن حصولِ نفع يا دفعِ ضَرَر (يعني فائدو حاصل ڪرڻ يا نقصان زائل ڪرڻ) جي لاءِ مک يا ڪنهن ۽ بي زبان کي مارڻو پوي ته ان کي آسان طريقي تي ماريو وڃي خوامخواه ان کي هر هر زنده چيپاٽڻ جي يا هڪ وار ۾ ماري سگهو ٿا پوءِ ۽ زخمي ڪري بلا ضرورت ڏک هڻڻ يا ان جي بدن جا ٽڪڙا ٽڪڙا ڪري ان کي تڙپائڻ وغيره کان پاسو ڪيو وڃي، اڪثر نادان ٻار ڪِيولِين وغيره کي چيپاٽيندا رهندا آهن انهن کي ان کان روڪيو وڃي، ڪِيولِي ڪمزور هوندي آهي چپٽي ۾ ڪٽڻ يا هٿ يا ڀاري سان هٽائڻ سان عموماً زخمي ٿي ويندي آهي، موقعي مناسبت سان ان کي ڦوڪ ڏيڻ کان ۽ ڪم هلائي سگهجي ٿو.

## قرباني ۾ عقيقي جو حصو

ڳئون يا اٺ جي قرباني ۾ عقيقي جو حصو ٿي سگهي ٿو.
(ردالمحتار ج 9 ص 540)

## اجتماعي قرباني جو گوشت وزن ڪري ورهايو

جيڪڏهن پتيءَ ۾ ڳئون جي قرباني ڪئي وئي ته ضروري آهي ته گوشت توري ڪري ورهايو وڃي، اندازي سان ورهائڻ جائز ناهي، خوشيءَ سان هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ معاف ڪري ڇڏڻ ۽ ڪافي ناهي . (ملخص از بهار شريعت ج 3 ص 335) ها جيڪڏهن سڀ هڪ ئي گهر ۾ رهندا هجن جو گڏجي ورهائيندا ۽ ڪائيندا يا شُرڪاءَ پنهنجو پنهنجو حصو نه ٿا ونڻ چاهن، اهڙي صورت ۾ تورڻ جي ضرورت ناهي .

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

## اندازي سان گوشت ورهائڻ جا ٻه حيلا

جيڪڏهن شرڪاءَ پنهنجو پنهنجو حصو وٺي وڃڻ چاهن ته تورڻ جي تڪليف کان بچڻ لاءِ هي ٻه حيلا ڪري سگهجن ٿا: ﴿1﴾ ذبح کان پوءِ ان ڳئون جو سمورو گوشت هڪ اهڙي بالغ مسلمان کي هِبہ (يعني تحفي طور مالڪ) ڪري ڇڏيو جيڪو ان قرباني ۾ شريڪ نه هجي ۽ هاڻي اهو اندازي سان سيني ۾ ورهائي سگهي ٿو. ﴿2﴾ ٻيو حيلو هن کان به آسان آهي جيئن فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: گوشت ورهائڻ وقت ان ۾ ڪا ٻي جنس مثلاً (جيرو، مغز وغيره) شامل ڪيو وڃي ته ٻه اندازي سان تقسيم ڪري سگهو ٿا. (درمختار ج 9 ص 527) جيڪڏهن ڪئي شيون ملايون آهن ته هر هڪ مان تورو تورو ڏيڻ لازمي ناهي گوشت سان گڏ صرف هڪ شيءِ ڏيڻ به ڪافي آهي مثلاً ٽِري جيرو ۽ منڊي پاوا وڏا آهن ته گوشت سان گڏ ڪنهن کي ٽِري ڏني ته ڪنهن کي جَيري جو ٽڪرو ڏنو ته ڪنهن کي پَاوا ته ڪنهن کي مُنڊي، جيڪڏهن سيني شين مان تورو تورو ڏيڻ چاهيو ته به حرج ناهي .

## قرباني جي گوشت جا ٽي حصا

قرباني جو گوشت پاڻ به کائي سگهي ٿو ۽ ٻي غني شخص (يعني مالدار) يا فقير کي ڏئي سگهي ٿو بلڪ ان مان ڪجهه کائي وٺڻ قرباني ڪرڻ واري جي لاءِ مستَحَب آهي، بهتر هي آهي ته

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قِيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

گوشت جا ٽي حصا ڪري هڪ حصو فقراء جي لاءِ ۽ هڪ حصو دوست احباب جي لاءِ ۽ هڪ حصو پنهنجي گهر وارن جي لاءِ (عالمگيري ج 5 ص 300) جيڪڏهن سڄو گوشت پاڻ ئي رکي ورتو تڏهن بہ گناھ ناهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ٽي حصا ڪرڻ صرف اِسۡتِحبابي امر آهي ڪجھ ضروري ناهي، چاهي تہ سڀ پنهنجي استعمال ۾ ڪري يا سڀ مِٽن مائٽن کي ڏئي ڇڏي يا سڀ مسڪينن کي ورهائي ڇڏي. (فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 253)

## وصيت جي قرباني جي گوشت جو مسئلو

مَنّت يا مرحوم جي وصيت تي ڪيل قرباني جو گوشت فقيرن مسڪينن کي صدقو ڪرڻ واجب آهي، نہ پاڻ کائي نہ مالدارن کي ڏئي. (ماخوذ از بهار شريعت ج 3 ص 345)

## چهہ سوال جواب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 112 صفحن تي مشتمل ڪتاب "چندے کے بارے میں سوال جواب" صفحي 84 کان 88 "چهہ سوال جواب" ملاحظہ فرمايو، اهي هر اداري بلڪ هر مسلمان جي لاءِ نہ صرف فئديمند، بلڪ تمام گهڻا فائديمند آهن .

## چندي جي رقم سان اجتماعي قرباني جي لاءِ ڳئون خريد ڪرڻ

**سوال**: مذهبي يا فلاحي اداري جي چندي جي رقم سان اجتماعي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

قرباني جي لاءِ وڪڻڻ جي لاءِ ڳئون خريدي سگهجن ٿيون يا نه؟

**جواب**: چندي جي رقم ڪاروبار ۾ لڳائڻ جائز ناهي، ان جي لاءِ چندي واري کان صراحةً يعني صاف **لفظن** ۾ اجازت وٺڻ ضروري آهي. (جيڪو ان ڳالھ جي اجازت ڏئي ته صرف ان جي چندي جي رقم جائز ڪاروبار ۾ لڳائي سگهجي ٿي، ائين مالڪ جي اجازت جي بغير ان جي ڏنل چندي جي رقم قرض ڏيڻ جي به اجازت ناهي)

## غريبن کي کلون وٺڻ ڏيو

**سوال**: جيڪڏهن ڪو شخص هر سال غريبن کي کل ڏيندو هجي ان تي انفرادي ڪوشش ڪري پنهنجي مدرسي يا ديني ڪمن جي لاءِ کل وٺڻ ۽ غريبن کي محروم ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب**: جيڪڏهن واقعي ڪو اهڙو غريب ۽ مستحق ماڻهو آهي جنهن جو گذارو انهي کل يا زڪواة ۽ فطري تي موقوف آهي ته هاڻي ان کي ملڻ واري ان عطيات کي پنهنجي اداري جي لاءِ ترڪيب ڪري ان غريب کي محروم ڪرڻ جي هرگز اجازت ناهي. (۽ جيڪڏهن انهن غريبن جو گذارو کل وغيره تي موقوف نه هجي ته کل جو مالڪ جنهن مَصرف ۾ چاهي ڏئي سگهي ٿو مثلاً ديني مدرسي کي ڏئي ڇڏي) **منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاھ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪجھ ماڻهو پنهنجون کلون حاجتمندن يتيمن، بيواهن، مسڪينن کي ڏيڻ چاهين ۽ ان جي حاجت پوري ڪرڻ جي صورت اها ئي هجي، ان کي ڪو واعظ (يعني وعظ چوڻ وارو) يا

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي .

مدرسي وارو روڪي ڪري مدرسي لاءِ وني وجي تہ هي ان جو ظلم هوندو. وَاللهُ تعاليٰ اَعلَم (ملخص از فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 501)

## ڪلن جي لاءِ اجائي ضد نہ ڪيو

**سوال:** جيڪڏهن ڪو شخص اهلسنّت جي ڪنهن مدرسي يا ڪنهن غريب مسلمان کي کل ڏيڻ جو وعدو ڪري چڪو هجي ان کي زوري پنهنجي اداري مثلاً دعوت اسلامي جي لاءِ کل ڏيڻ تي راضي ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** ائين نہ ڪيو جو ان طرح سان پاڻ ۾ عداوت ۽ نفرتن جو سلسلو وڌندو، فتنن، غيبتن، چغلين، بدگمانين، الزام تراشين ۽ دل آزارين وغيره گناهن جا دروازا کلندا منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خانعَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 21 صفحي 253 تي فرمائن ٿا: مسلمانن ۾ بنا شرعي سبب جي اختلاف ۽ فتنو پيدا ڪرڻ شيطان جي نِيابت آهي (يعني اهڙا ماڻهو هن معاملي ۾ شيطان جا نائب آهن) حديث شريف ۾ آهي: فِتنو سمهي رهيو آهي ان کي جڳائڻ واري تي الله عَزَّوَجَلَّ جي لعنت." (الجامع الصغير للسيوطي ص 370 حديث 5975)

## سني مدرسن جون کلون نہ ڪٽو

**سوال:** جيڪڏهن ڪو چوي مان هر سال فلان سني اداري کي کل ڏيندو آهيان، ان کي هي سمجهائڻ ڪيئن آهي تہ هن سال اسان جي ديني اداري مثلاً دعوت اسلامي کي کل ڏيو.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

**جواب**: جيڪڏهن اهو صاحب ڪنهن اهڙي جڳهه ڪل ڏيندو آهي جيڪو ان جو صحيح مَصرف آهي ته ان اداري کي محروم ڪري پنهنجي تنظيم جي لاءِ ڪل حاصل ڪرڻ ان اداري وارن جي لاءِ صدمي جو سبب ٿيندو، ائين پاڻ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿيندي تنهنڪري هر ان ڪم کان پاسو ڪيو وڃي جنهن سبب مسلمانن جي پاڻ ۾ رنجش ٿئي مسلمانن کي نفرت ۽ وحشت کان بچائڻ بيحد ضروري آهي، جيئن ته حضورِ اَڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد مُعَظَّم آهي: بَشِّرُوْا وَلاتُنَفِّرُوْا يعني خوشخبري ٻڌايو ۽ (ماڻهن کي) نفرت نه ڏياريو. (صحيح بخاري ج 1 ص 42 حديث 69)

## سُني مدرسي کي کل پاڻ ڏئي اچو

**سوال**: جيڪڏهن ڪٿي دعوت اسلامي جي لاءِ ڪل لاءِ پهتا، ان هڪ اسان کي ڏني ۽ هڪ کل بچائي ڪري رکندي چيو هي اهلسنت جي فلاڻ دارالعلوم کي ڏيڻي آهي اوهان اڏ ڪلاڪ کان پوءِ معلوم ڪيو جيڪڏهن اهو نه وٺڻ آيا ته هي کل به اوهان ئي وٺي وڃو اهڙي صورت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب**: هي ذهن ۾ رهي ته قرباني جون کلون جمع ڪرڻ دعوت اسلامي جو "مقصد" ناهي ضرورت آهي، دعوت اسلامي جو هڪ مقصد نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ آهي جنهن جي برڪت سان نفرتون مٽائڻ ۽ مسلمانن جي دلين ۾ محبتن جا چراغ جلائڻ به

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنھن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

آهي، تمام سني ادارا به هڪ طرح سان دعوت اسلامي جا ئي ادارا آهن ۽ دعوت اسلامي تمام سني ادارن جي پنهنجي پنهنجي ۽ پنهنجي سنتن ڀري تحريڪ آهي، ممڪن صورت ۾ سنيون سنيون نيتون ڪري اوهان پاڻ ان سني دارالعلوم کي کل پهچايو، ائين ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن جي دل به خوش ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿيندي، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: فرائض کان پوءِ سڀني عملن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کي وڏيڪ پيارو مسلمان جي دل خوش ڪرڻ آهي. (المعجم الكبير للطبراني ج 11 ص 59 حديث 11079)

## پنهنجي قرباني جي کل وڪڻي چڏي ته؟

**سوال:** ڪنهن پننهنجي قرباني جي کل وڪڻي ڪري رقم حاصل ڪري ورتي هاڻي اهو مسجد ۾ ڏئي سگهي ٿو نه؟

**جواب:** هتي نيّت جو اعتبار آهي جيڪڏهن پنهنجي قرباني جي کل پنهنجي ذات جي لاءِ رقم عوض وڪڻي ته اهو وڪڻڻ به ناجائز آهي ۽ هي رقم ان شخص جي حق ۾ مالِ خبيث آهي ان جو صدقو ڪرڻ واجب آهي، تنهنڪري ڪنهن شرعي فقير کي ڏئي ڇڏي، ۽ توبه ڪري ۽ جيڪڏهن ڪنهن نيڪي جي ڪم ۾ مثلاً مسجد ۾ ڏيڻ جي نيت سان ئي وڪڻي ته وڪڻڻ به جائز آهي ۽ هاڻي مسجد ۾ ڏيڻ ۾ ڪو حرج (به) ناهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

# ڪاسائي جي لاءِ 20 مدني گل

﴿1﴾ ٻهريان ڪنهن ماهر گوشت فروش جي نگراني ۾ ذبح وغيره جو ڪم سکي وٺي جو ان نا تجريبڪار جي لاءِ هي ڪم جائز ناهي جنهن جي ڪري ڪنهن جي جانور جي گوشت ۽ کل وغيره کي عرف ۽ عادت (يعني عام رواج، ۽ دستور) کان هٽي ڪري نقصان پهچندو هجي.

﴿2﴾ ماهر گوشت وڪڻڻ واري کي به گهرجي ته جلد بازي يا لاپرواهي جي سبب کل ۾ عرف و عادت کان وڌيڪ گوشت نه لڳل رهڻ ڏئي، ائين ڇيڙا لاهڻ ۾ به احتياط سان ڪم وٺو، هن ۾ هرويرو بوٽي يا چربي هلي نه وڃي، ۽ ڪائڻ واريون هڏيون وغيره به اڇلائڻ بدران ٽڪرا ٺاهي ڪري گوشت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ماهر گوشت فروش کي به عرف ۽ رواج کان هٽي ڪري گوشت يا کل کي نقصان پهچائڻ جائز ناهي.

﴿3﴾ عيد قربان تي عام طور وڏي جانور جو مغز ۽ زبان وغيره ڪڍي ڪري مُنڍي جو باقي حصو ۽ پاون جا کُر اڇلايا ويندا آهن، ائين ٻڪري جي منڍي پاون جا به کائڻ وارا ڪجھ اجزا خوامخواه ضايع ڪيا ويندا آهن ائين نه ڪيو وڃي، جيڪڏهن پاڻ نٿا کائڻ چاهيو ته ڪنهن غريب مسلمان کي سڏي ڪري احترام سان ان کي ڏيو، ائين ڪافي ماڻهو انهن ڏينهن ۾ گوشت ۽ چربِي وغيره جي تلاش ۾ ڦرندا آهن، ۽ هي به ياد رکو ته وڏي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

جانور جا پاوا مُنڊي مڪمل ڪل ڪان جدا ڪرڻ جي ڪري ڪل جي قيمت ۾ ڪمي ايندي آهي.

﴿4﴾ عام ڏينهن ۾ پُڇ جو گوشت ٻين گوشتن سان گڏ وزن ۾ وڪڻيو ويندو آهي جڏهن تہ قرباني واري جانور جو پُڇ عام طور ڪل ۾ ئي وڃڻ ڏيندا آهن هن سان ان جو گوشت ضايع ٿي ويندو آهي بلڪ وڏن جانورن مان ڪڏهن ڪڏهن ڪل سميت پڇ ڪٽي ڪري اچلائيندا آهن، هي طريقو بہ غلط آهي، ائين ڪرڻ سان ڪل جي قيمت ۾ ڪمي ايندي آهي.

﴿5﴾ جن ملڪن ۾ ڪل ڪم ۾ ايندي آهي (مثلاً پاڪ و هند ۾) هتي عرف ڪان هتي ڪري خوامخواه اهڙي جڳهہ ”ڪٽ“ لڳائڻ جائز ناهي جنهن سان ڪل جي قيمت ۾ ڪمي اچي وڃي، گوشت فروشن کي گهرجي تہ جيئن پنهنجي ذاتي جانورن جي ڪل پوري توجهہ سان لاهيندا آهن، ٻين جي معاملن ۾ بہ ائين ڪن .

﴿6﴾ دُنبي جي چڪي جي ڪل لاهڻ مهل هن ڳالهہ جو خيال رکو تہ چربي ڪل ۾ باقي نہ رهي.

﴿7﴾ ڇيڇڙا ۽ چربي کي هڪ طرف جمع ڪري آخر ۾ ڇيڇڙن سان گڏ چربي بہ ڪٽي وڃڻ دوکو ۽ چوري آهي، پڇي ڪري بہ نہ وٺو جو ”سوال“ آهي ۽ بنا شرعي حاجت جي سوال جائز ناهي، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شخص بنا حاجت جي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

ماڻهن سان سوال ڪري ٿو اهو وات ۾ ٽاندا ڪڻڻ واري جيان آهي . (شعب الايمان ج 3 ص 271 حديث 3517)

﴿8﴾ ڪڏهن ڪڏهن قرباني جي جانور جي گوشت جو بهترين حصو خاموشي سان ٿوڪري ۾ رکي ڇڏيندا آهن هي صاف صاف چوري آهي، بنا شرعي اجازت جي گهرڻ به درست ناهي، **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو مال ۾ اضافي جي لاءِ ماڻهن سان سوال ڪندو آهي اهو ٽاندا گهرندو آهي هاڻي ان جي مرضي آهي ته ٽاندا گهٽ جمع ڪري يا گهڻا. (مسلم ص 518 حديث 1041) ها جيڪڏهن ماڻهن ۾ گوشت ورهائڻ پيو وڃي ته گوشت فروش به وٺڻ جي لاءِ هٿ وڌايو ته حرج ناهي .

﴿9﴾ گوشت جو هر اهو حصو جيڪو عام ڏينهن ۾ استعمال ۾ آڻيو وڃي ٿو قرباني جي ڏينهن ۾ به ڪم ۾ آڻيو وڃي، ڦڦڙ ۽ چربي وغيره جا ٽڪرا ڪري گوشت سان گڏ ورهائڻ مناسب آهي، اهڙين شين کي نه اڇلائيو وڃي، جيڪڏهن پاڻ کائڻ يا گوشت سان گڏ ورهائڻ نٿا چاهيو ته ائين به ٿي سگهي ٿو ته جيڪي ضرورت مند وٺڻ چاهن ان کي سڏي ڪري ڏيو يا ڪنهن جي حوالي ڪيو وڃي ته ڪنهن ضرورت مند کي ڏئي ڇڏي بلڪ احتياط انهيءَ ۾ آهي ته پاڻ ڪنهن مسلمان جي حوالي ڪري ڇڏيو، هي مسئلو ياد رهي ته غير مسلمن ڀنگين وغيره کي ڪل ته ڇا هڪ ٻوٽي به قرباني جي گوشت مان ڏيڻ جائز ناهي.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

《10》 جيڪڏهن جانور جي ڳلي ۾ رسي، نٿ، چمڙي جو پٽو، گِنگهرو، هار وغيره آهي تہ ان سيني کي ڇري سان ائين ئي نہ ڪٽيو بلڪ قاعدي جي مطابق کولي ڪري ڪڍڻ گهرجي تہ جيئن ناپاڪ نہ ٿين، بغير ڪڍڻ جي ذبح جي صورت ۾ اهي شيون رت سان پرجي وينديون آهن ۽ هي مسئلو آهي تہ بنا حاجت جي ڪنهن شيء کي قصداً (يعني ڄاڻي واڻي) ناپاڪ ڪرڻ حرام آهي، بالفرض ناپاڪ بہ ٿي وڃي تڏهن بہ نہ اڇلايو وڃي، پاڪ ڪري پاڻ استعمال ۾ آڻيو يا ڪنهن مسلمان کي ڏئي ڇڏيو، ياد رکو! تَضِيِيعِ مال (يعني مال ضايع ڪرڻ) حرام آهي.

《11》 ڇري وهائڻ کان پهريان جانور جي ڳچي جي کل نرم ڪرڻ جي لاءِ جيڪڏهن پاڪ پاڻي جي ٿانوءَ ۾ ناپاڪ رت وارو هٿ وجهي ڪري ٻڪ پريو تہ ٻڪ جو ۽ ٿانوءَ جو تمام پاڻي ناپاڪ ٿي ويو، هاڻي هي پاڻي ڳچي تي نہ هاريو، هن جو آسان حل هي آهي تہ جنهن جو جانور آهي ان کي چئو تہ اهو پاڪ صاف پاڻي جو گلاس پري ڪري پنهنجي هٿ سان جانور جي ڳچي تي هاري، پر اهو احتياط ڪيو وڃي جو گلاس مان پاڻي وجهڻ يا هارڻ دوران وچ ۾ نہ ڪو پنهنجو رت پريل هٿ وجهي نہ ئي پاڻي واري ڳلي تي رت وارو هٿ مهٽي اهو صرف قرباني جي لاءِ خاص ناهي، جڏهن بہ ذبح ڪيو ان جو خيال رکو.

《12》 ذبح کان پوءِ رت واري ڇُري ۽ رت سان پريل هٿ ڌوئڻ جي پاڻي جي بالٽي ۾ وجهڻ سان ڇُري ۽ هٿ پاڪ نہ ٿيندا،

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي.

بلڪ بالٽي جو سڄو پاڻي بہ ناپاڪ ٿي ويندو آهي، اڪثر ائين ناپاڪ پاڻي سان کل لاهڻ ۾ بہ مدد ورتي ويندي آهي ۽ اهو ئي پاڻي گوشت جي اندرئين حصي ۾ جمع ٿيل رت کي ڌوئڻ جي لاءِ هاريو ويندو آهي، حالانڪ گوشت جي اندر وارو رت پاڪ هوندو آهي پر ناپاڪ پاڻي وهائڻ سبب هي نقصان ٿيندو آهي تہ هي ناپاڪ پاڻي جتان جتان گذرندو آهي گوشت جي پاڪ حصي کي بہ ناپاڪ ڪندو آهي، ائين نہ ڪيو.

﴿13﴾ اَجير گوشت فروش جي لاءِ هي ضروري آهي تہ قرباني واري عيد جي عرف ۽ عادت (يعني رواج) جي مطابق قرباني جي گوشت جون ٻوٽيون ٺاهي ڏيو، ڪجھ ڪاسائي جلدبازي جي ڪري گوشت جا وڏا وڏا ٽڪرا ٺاهيندا آهن، نليون بہ صحيح نہ ٽوڙيندا آهن ۽ پاوا مُنڍي بہ ثابت ڇڏي هليا ويندا آهن، ائين نہ ڪيو، ائين ڪرڻ سان قرباني وارو سخت آزمائش ۾ اچي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي منڍي پاوا وغيره بہ اڇلائي ڇڏيندا آهن، ڪجھ ماڻهو صبر ڪرڻ بدران ڪاسائي کي برن برن لقبن ۽ گارين سان نوازيندا ۽ خوب خوب گناهن ڀريا لفظ ڳالهيندا آهن، ها اجاري وقت ڪاسائي چئي ڇڏيو تہ منڍي پاوا ٺاهي ڪري نہ ڏيندس تہ هاڻي ثابت ڇڏڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

﴿14﴾ ڪجھ ڪاسائي حِرص سبب تمام گهڻا جانور ”ٻُڪ“ ڪندا آهن ۽ هڪ جڳهہ ڇري وهائي ٻي جڳهہ هليا ويندا آهن پوءِ اتي سِير وهائي (يعني ذبح ڪري) ٻهرين جڳهہ واپس اچي کل لاهڻ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنھن مون تي درود پڙھڻ وساري ڇڏيو اھو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

لڳندا آھن، ۽ ٻي جڳھ وارا انتظار جي باھ ۾ جلندا آھن، ائين ماڻھو گھڻي تڪليف ۾ ايندا آھن، ڳالھيون ڪندا، ڪاسائي کي بُرو ڀلو چوندا آھن ۽ پوءِ ڪئي گناھن جا دروازا کلندا آھن، ڪاسائي کي گھرجي تہ ڪم ايترو وٺن جيترو سليقي سان ڪري سگھن ۽ ڪنھن کي شڪايت جو موقعو نہ ملي.

﴿15﴾ ڪاسائي کي گھرجي تہ گوشت ٺاھڻ وقت حرام حصا جدا ڪري اڇلائي ڇڏي، جنھن کي گوشت ڪاٽڻو ھجي ان کي ذبيحہ جي حرام شين جي سڃاڻپ فرض ۽ مڪروہ تحريمي حصن جي سڃاڻپ واجب آھي تہ جيئن گناھن ڀريون شيون ڪائي نہ وڃي. (گوشت جا نہ کائڻ وارن اجزا جو بيان اڳتي اچي رھيو آھي)

﴿16﴾ ڪاسائي کي گھرجي تہ قرباني جي ڏينھن ۾ پيسا ڪمائڻ جي حِرص ۾ شريعت جي خلاف ورزي ڪندي 100 جانور غلط سلط ڪٽي ڪري پنھنجي آخرت داءُ تي لڳائڻ بدران شريعت مطابق صرف ھڪ ئي جانور ڪٽي اِن شاء اللہ عَزَّوَجَلَّ ٻنھي جھانن ۾ خوب برڪتون ملنديون پيسن جي لالچ ۾ جلد بازي جي ڪري ھن ڪم ۾ ڪڏھن ڪڏھن تمام گھڻا گناھ ڪرڻا پوندا آھن.

﴿17﴾ بعض گوشت فروش عام وڏي (۽ ننڍي) جانور جي کل لاھڻ کان پوءِ گوشت جي اندر موجود دل ۾ ڪٽ لڳائي ڪري ان ۾ يا رت جي وڏي رڳ ۾ پائپ ذريعي پاڻي وجھندا آھن ائين ڪرڻ سان گوشت جو وزن وڌي ويندو آھي، اھڙو گوشت دوکي سان وڪڻڻ حرام ۽ جھنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آھي، ڪجھ

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي

مرغي جو گوشت وڪڻڻ وارا ٻه ذبح ڪان پوءِ مرغي جا پر لاهي پيٽ جي صفائي ڪري صرف دل ان ۾ لڳل رهڻ ڏيندا آهن ۽ ان مرغي کي تقريباً 15 منٽ جي لاءِ پاڻي ۾ وجهي ڇڏيندا آهن ائين ڪرڻ سان ان جي گوشت جو وزن تقريباً 150 گرام وڌي ويندو آهي، ذبح ڪيل ڪمزور ٻڪرن کي ٽڏو ٽيڻ ڪان پوءِ ان جي ٻونگ جي ذريعي گوشت ۾ وات سان هوا ڀري ڪري گوشت کي ڦهلائي ڇڏيندا آهن، گراهڪ گوشت وٺي گهر پهتو ته هوا نڪري چڪي هوندي آهي ۽ گوشت جون تهه واريون هڏيون رهجي وينديون آهن هي ٻه سراسر دوکو آهي، خاص ڪري قرباني جي ڏينهن ۾ وزن سان وڪامندڙ زنده ٻڪرن وغيره کي بيسڻ (يعني چٽڻ جو اٽو) ڪارائي مٿان خوب پاڻي وغيره پيئاري ان جو وزن وڌايو ويندو آهي، اهڙا جانور ٻه دوکي سان وڪڻڻ گناهه آهي. ياد رکو! حرام جي ڪمائي ۾ ڪا ڀلائي ناهي.

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن حرام جو هڪ گرهه کاڌو ان جي چاليهه ڏينهن جون نمازون قبول نه ڪيون وينديون ۽ ان جي دعا چاليهه ڏينهن تائين قبول نه ٿيندي (الفردوس بماثور الخطاب ج 3 ص 591 حديث 5853) وڌيڪ هڪ روايت ۾ آهي: انسان جي پيٽ ۾ جڏهن حرام جو گرهه پوندو آهي زمين ۽ آسمان جو هر فرشتو ان تي ان وقت تائين لعنت ڪندو آهي جيستائين اهو حرام گرهه ان جي پيٽ ۾ رهندو ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مري ويو ته ان جو نڪاڻو جهنم هوندو. (مڪاشفة القلوب ص 10)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

﴿18﴾ درست ڪم ڪرڻ ۾ يقيناً وقت گهڻو صرف ٿيندو، ان تي ٿي سگهي ٿو هم پيشي وارا مذاق اڏائن، پر ان تي صبر ڪيو خبردار! ڪٿي شيطان ويڙ جڳهڙي ۾ ڦاسائي گناهن ۾ نه ڦاسائي ڇڏي!

﴿19﴾ گوشت جي حصي ڪي ڇيٽو يا ذبح جي وقت نڪرڻ وارو رت لڳي وڃي ان کي جدا رکو ۽ گوشت جي مالڪ کي ٻڌائي ڇڏيو ته جيئن اهو ان کي الڳ سان پاڪ ڪري سگهي، پچائڻ ۾ جيڪڏهن هڪ ٻه ناپاڪ ٻوٽي وجهي ته اها پوري ديڳ جو قورمو يا برياني ناپاڪ ڪري ڇڏيندي ۽ ان جو کائڻ حرام ٿي ويندو (ياد رهي! ذبح کان پوءِ گردن جي ڪٽيل حصي تي بچيل رت ۽ گوشت جي اندر مثلاً پيٽ ۾ يا ننڍين ننڍين رڳن ۾ جيڪو رت رهجي ويندو آهي اهو ۽ دل جيرو، وغيره جو رت پاڪ هوندو آهي ها دم مَسۡفُوح يعني ذبح جي وقت جيڪو رت وهي ڪري نڪري چڪو آهي اهو جيڪڏهن ڪٽيل ڳلي وغيره کي لڳي وڃي ته ناپاڪ ڪري ڇڏيندو)

﴿20﴾ جانور ڪٽڻ ۽ ڪٽائڻ واري کي کپي ته پاڻ ۾ اُجرت طئي ڪري وٺن ڇوته مسئلو هي آهي ته جتي دلالةً (UNDERSTOOD) يعني علامت سان معلوم هجي يا صراحةً (يعني کلم کلو، ظاهري) اُجرت ثابت ٿئي ان وقت طئي ڪرڻ واجب آهي، اهڙي موقعي تي طئي ڪرڻ بدران ائين چئي ڇڏڻ: ڪم تي اچو پوءِ ڏسي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جنھن مون تي ڏينھن ۾ پنجاھ ڀيرا درود پاڪ پڙھيو قيامت جي ڏينھن مان ان سان مصافحو ڪندس .

وڻنداسين، جيڪو مناسب ھوندو ڏئي ڇڏينداسين، خوش ڪري ڇڏيندس، خرچي ملندي وغيره الفاظ قطعي ناڪافي آھن بنا طئي ڪري اُجرت وٺڻ ڏيڻ گناھ آھي، طئي ٿيل ڪان گھٽو طلب ڪرڻ بہ منع آھي، ھا جتي اھڙو معاملو ھجي جو ڪم ڪرائڻ واري چيو: ڪجھ نہ ڏيندس، ان چيائين: ڪجھ نہ وٺندس، ۽ پوءِ ڪم ڪرائڻ واري پنھنجي مرضي سان ڏئي ڇڏيان تہ ھن لين دين ۾ ڪو حرج ناھي.

## گوشت جا 22 اجزا جيڪي نٿا کائجن

فيضان سنّت جلد پھريون صفحي 567 کان 570 تي آھي: منھنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: حلال جانور جا سڀ اجزا حلال آھن پر ڪجھ حرام يا منع يا مڪروھ آھن: ﴿1﴾ رڳن جو رت ﴿2﴾ پتو ﴿3﴾ مثانو ﴿5،4﴾ مادي ۽ نر ھجڻ جون نشانيون ﴿6﴾ خصيا ﴿7﴾ گُدود ﴿8﴾ حرام مغز ﴿9﴾ ڪنڌ جون بہ مشڪون جيڪي ڪلھن تائين ڇڪيل ھونديون آھن ﴿10﴾ جيري جو رت ﴿11﴾ ترڪيءَ جو رت ﴿12﴾ گوشت جو رت جيڪو ذبح کان پوءِ گوشت مان نڪرندو آھي ﴿13﴾ دل جو رت ﴿14﴾ پِت يعني ڦڪي رنگ جو پاڻي جيڪو پتي جي اندر ھوندو آھي ﴿15﴾ نڪ جي رطوبت جيڪا رڍ ۾ اڪثر ھوندي آھي ﴿16﴾ پائخاني واري جڳھ ﴿17﴾ اوجھري ﴿18﴾ آنڊا ﴿19﴾ نطفو ﴿20﴾ اھو نطفو جيڪو رت ٿي ويو ﴿21﴾ اھو (نطفو) جيڪو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قِيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

گوشت جو ٽڪر ٿي ويو ﴿22﴾ اهو (نطفو) جيڪو پورو جانور بڻجي ويو ۽ مردار (يعني مئل) نڪتو يا بنا ذبح ڪرڻ جي مري ويو. (فتاوي رضويه ج 20 ص 240، 241) سمجهدار ڪاسائي ڪجهه منع ٿيل شيون ڪڍي ڇڏيندا آهن، پر ڪجهه جي باري ۾ ڪين ته معلومات ناهي هوندي يا بي احتياطي ڪندا آهن، تنهنڪري اڄڪلهه عمومًا لاعلمي جي سبب جيڪي شيون پاڃيءَ ۾ پچايون ۽ کاڌيون وينديون آهن، انهن مان ڪجهه جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

## رت

ذبح ڪرڻ وقت جيڪو رت نڪرندو آهي ان کي ”دمِ مَسفُوح“ چوندا آهن. اهو ناپاڪ هوندو آهي، ان جو کائڻ حرام آهي. ذبح کان بعد جيڪو رت گوشت ۾ رهجي ويندو آهي، مثلاً ڪنڌ جي ڪٽيل حصي تي، دل جي اندر، جيري ۽ تِريءَ ۾ ۽ گوشت جي اندر وارين ننڍين ننڍين رڳن ۾ اهو جيتوٽيڪ ناپاڪ ناهي پر ان رت جو به کائڻ ممنوع آهي. تنهنڪري پچائڻ کان اڳ صفائي ڪري ڇڏيو، گوشت ۾ ڪيترن ئي جڳهن تي ننڍين ننڍين رڳن ۾ رت هوندو آهي. انهن جي نگهباني ڪرڻ ڪافي مشڪل آهي، پچڻ کان پوءِ اهي رڳون ڪاري ڏوريءَ وانگر ٿي وينديون آهن. خاص طور تي ميڄالي، مُنڊي، پاون ۽ مرغي جي ران ۽ پر جي گوشت وغيره ۾ سنهيون ڪاريون

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .

ڏوريون ڏنيون وينديون آهن، ڪائڻ وقت انهن کي ڪڍي ڇڏيندا ڪريو. ڪڪڙ جي دل به ثابت نه پچايو، دل کي ديگهه ۾ چار چيرا ڏئي ڪري ان جو رت پهريان چڱي طرح صاف ڪري ڇڏيو.

## حرام مغز

هي اڇي ڏوريءَ وانگر هوندو آهي. ميڄالي ڪان شروع ٿي ڪنڌ ڪان گذرندو پوري ڪرنگهي جي هڏيءَ جي آخر تائين ويندو آهي. ماهر ڪاسائي ڪنڌ ۽ ڪرنگهي جي هڏيءَ جي وچ مان به حصا ڪري حرام مغز ڪڍي اڇلائي ڇڏيندا آهن، پر اڪثر ڪري بي احتياطيءَ جي سبب ٿورو گهڻو رهجي ويندو آهي، ۽ پاڃي يا برياڻيءَ وغيره ۾ پچي به ويندو آهي، ان لاءِ ڪنڌ، چاپ ۽ چيلهه جو گوشت ڌوئڻ وقت حرام مغز ڳولي ڪري ڪڍي ڇڏيندا ڪريو. اهو مرغي ۽ ٻين پکين جي ڪنڌ ۽ ڪرنگهي جي هڏي ۾ به هوندو آهي، پر پچائڻ ڪان پهريان ان کي ڪڍڻ تمام مشڪل آهي تنهنڪري کائڻ وقت ڪڍڻ گهرجي.

## سخت رڳون

ڪنڌ جي مضبوطيءَ لاءِ ان جي ٻنهي طرفن ڪان ڦڪي رنگ جون به ڊگهيون سخت نسون هونديون آهن جيڪي ڪلهن تائين چڪيل هونديون آهن، انهن سخت رڳن جو ڪائڻ حرام آهي، ڳئون ۽ ٻڪريءَ جون ته آسانيءَ سان نظر اچي وينديون آهن، پر مرغي ۽ ٻين پکين جي ڪنڌ جون رڳون آساني سان نظر نه اينديون آهن . ڪائڻ وقت ڳولي يا ڪنهن ڄاڻڻ واري

ڪان پُڇي ڪري ڪڍي ڇڏيو.

## گدود

ڪنڌ تي، ٻڙي ۾ ۽ ڪن جڳهن تي چربيءَ وغيره ۾ ننڍيون وڏيون ڪٿي ڳاڙهي ته ڪٿي ڀوري رنگ جون گول گول ڳنڍيون هونديون آهن انهن کي عربيءَ ۾ غُدَّه ۽ اردو ۾ غُدُود چوندا آهن. اهي به نه کائو. پچائڻ کان اڳ ۾ ڳولي ڪڍي ڇڏڻ گهرجي جيڪڏهن پڪل گوشت ۾ به نظر اچي وڃي ته ڪڍي ڇڏيو .

## خصيا

خصين کي فوطِ يا بيضه به چوندا آهن انهن جو کائڻ مڪروه تحريمي آهي اهي ٻڪر، ڏاند وغيره نر (يعني مذّڪر) ۾ ظاهر هوندا آهن، ڪڪڙ جو پيٽ کولي ڪري آنڊا هٽائيندو ۽ پٺيءَ جي اندروني سطح تي آني وانگر اچا به ننڍيا ٻج نظر ايندا، اهي ئي خصيا آهن، انهن کي ڪڍي ڇڏيو. افسوس! مسلمانن جي ڪجهه هوٽلن ۾ دل، جيري کان علاوه ڏاند ۽ ٻڪر جا خصيا به تئي تي پُچي ڪري پيش ڪيا ويندا آهن، غالبًا هوٽل جي زبان ۾ ان ڊش کي ”ڪَٽاڪَٽ“ چيو ويندو آهي.( شايد ان کي ڪٽاڪٽ ان لاءِ چوندا آهن جو گراهڪ جي سامهون ئي دل يا خصيا وغيره وجهي ڪري تيز آواز سان تئي تي ڪٽيندا ۽ پُچندا آهن ان مان ”ڪٽاڪٽ“ جو آواز گونجندو آهي.)

## اوجهري

اوجهري جي اندر ناپاڪي ڀريل هوندي آهي، ان جو کائڻ به

مڪروه تحريمي آهي پر مسلمانن جو وڏو تعداد آهي جيڪو اڄڪلهہ ان ڪي شوق سان ڪائيندو آهي.

## ”يانبي الله اوهان تي جان فِدا“ جي ٻاويهہ اکرن جي نسبت سان قرباني جون کلون جمع ڪرڻ وارن جي لاءِ 22 نيتون ۽ احتياطون

**ﭘ فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.(معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942) ﴿1﴾ سٺي نيّت ٻانهي کي جنّت ۾ داخل ڪندي آهي.

(الفردوس بماثور الخطاب ج 4 ص 305 حديث 6895)

**ﭘ مدني گل:** (1) بنا سٺي نيّت جي ڪنهن بہ سٺي عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ اوترو ثواب بہ وڌيڪ .

﴿1﴾ رضاءِ الٰهي جي لاءِ سٺيون نيتون ڪيان تو ﴿2﴾ هر حال ۾ شريعت ۽ سنّت جو دامن پڪڙي رکندس ﴿3﴾ قرباني جي کلن جي لاءِ پيچ ڊُڪ جي ذريعي دعوت اسلامي سان تعاون ڪندس ﴿4﴾ ڪو ڪيتري بہ بد سلوڪي ڪري پر غصي جو اظهار ۽ ﴿5﴾ بد اخلاقي کان پرهيز ڪري دعوت اسلامي جي عزت آبرو جي حفاظت ڪندس ﴿6﴾ قرباني جي کلن جي ڪري ڪيتري بہ مصروفيت هجي بنا شرعي عذر جي ڪنهن بہ نماز جي جماعت تہ ڇا تڪبير اوليٰ بہ نہ ترڪ ڪندس ﴿7﴾ پاڪ لباس ساڻ عمامي

فرمانِ مصطفےٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي .

۽ تهبند شاپر وغيره ۾ وجهي نمازن جي لاءِ گڏ رکندس (ضرورت آهر بستي وغيره تي رکي سگهو ٿا، هن جي خاص تاڪيد آهي، چوتہ ذبح جي وقت نڪتل رت نجاستِ غليظ ۽ پيشاب جيان ناپاڪ آهي ۽ کلون جمع ڪرڻ واري جو پنهنجا ڪپڙا پاڪ رکڻ نهايت دشوار هوندو آهي بهارشريعت جلد 1 صفحي 389 تي آهي: نجاستِ غليظ جو حڪم هي آهي تہ جيڪڏهن ڪپڙا يا بدن تي هڪ درهم کان وڌيڪ لڳي وڃي تہ ان جو پاڪ ڪرڻ فرض آهي، بي پاڪ ڪري نماز پڙهي ورتي تہ ٿيندي ئي نہ، ۽ قصداً پڙهي تہ گناهہ بہ ٿيو ۽ جيڪڏهن اِستِخفاف جي نيت سان (يعني ان شريعت جي حڪم کي هلڪو سمجهي) آهي تہ ڪفر ٿيو ۽ جيڪڏهن درهم جي برابر آهي تہ پاڪ ڪرڻ واجب آهي ۽ بي پاڪ ڪئي نماز پڙهي تہ مڪروه تحريمي ٿي يعني اهڙي نماز جو اعادو واجب ٿيو ۽ قصداً پڙهي تہ گنهگار بہ ٿيو جيڪڏهن درهم کان گهٽ آهي تہ پاڪ ڪرڻ سنّت آهي جو بنا پاڪ ڪرڻ جي نماز ٿي وئي پر سنت جي خلاف ٿي ۽ ان جو اعادو يعني ورائي پڙهڻ بهتر آهي) ﴿8﴾ **مسجد گهر، مڪتب ۽ مدرسي وغيره جي نڪون، ڇتائيون، ڪارپيٽ ۽ پيون شيون خون آلود ٿيڻ کان بچائيندس** (وضو خاني جي لاءِ آلي فرش يا پائيدان وغيره تي بہ رت آلود پيرن سميت وڃڻ کان بچن ۽ وضو ڪندي خوب احتياط جي ضرورت آهي نہ تہ نجاست جي آلودگين ۽ ناپاڪ پاڻي جي ڇنڊن سان پاڻ سان گڏ ٻين کي بہ ناپاڪ ڪرڻ جو احتمال رهندو) ﴿9﴾ **خون آلود بدبودار ڪپڙن سميت مسجد ۾ نہ ويهندس** (بدبو نہ بہ اچي تڏهن بہ ناپاڪ ڪپڙو يا مسجد شيءِ مسجد ۾ وٺي وڃڻ منع آهي، زخم ڦوڙن، ڪپڙا عمامہ، چادر بدن يا هٿ وات وغيره مان بدبوءِ اچي تہ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

مسجد ۾ داخل ٿيڻ حرام آهي فيضان سنت جلد پهريون صفحي 1134 تي آهي: مسجد کي (بد) بوءِ کان بچائڻ واجب آهي تنهنڪري مسجد ۾ گاسليٽ ٻارڻ **حرام**، مسجد ۾ بدبودار بارود واري ماچيس جي تيلي ٻارڻ حرام، ايتري تائين جو حديث ۾ ارشاد آهي: مسجد ۾ ڪچو گوشت ڪٽي وڃڻ جائز ناهي . (ابن ماجه ج 1 ص 413 حديث 748 دار المعرفه بيروت) حالانڪ ڪچي گوشت جي بوءِ تمام خَفِيف (يعني هلڪي) آهي. ﴿10﴾ قلم، رسيد بُڪ، پيڊ، گلاس، چائي جون پياليون وغيره پاڪ شين کي ناپاڪ رت نہ لڳڻ ڏيندس (فتاويٰ رضويہ جلد 4 صفحي 585 تي آهي: پاڪ شين کي (بنا شرعي اجازت جي) ناپاڪ ڪرڻ حرام آهي) ﴿11﴾ جيڪو بين ادارن کي ڪلون ڏيڻ جو واعدو ڪري چڪو آهي ان کي بد عهدي جو مشورو نہ ڏيندس (آسان طريقو هي آهي تہ سنين سنين نيتن سان گڏ اوهان سڄي سال ئي توجهه ڪيو ۽ پاڻ پهريان وڃي ڪل بُڪ ڪرائي ونو) ﴿12﴾ پنهنجي طئي ٿيل ڪل جيڪڏهن ڪنهن سني اداري جو ماڻهو نہ پهتو، يا ﴿13﴾ غلطي سان مون وٽ اچي وئي تہ ثواب جي نيت سان اتي ڏئي ايندس ﴿14﴾ جيڪو ڪل ڏيندو تہ تي سگهيو تہ ان کي مڪتبة المدينہ جو ڪو رسالو يا پمفلٽ تحفي ۾ پيش ڪندس ﴿15﴾ ۽ ان کي شڪريہ، جَزَاکَ الله چوندس. (**فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : مَنْ لَّمْ يَشْکُرِ النَّاسَ لَمْ يَشْکُرِ اللّٰهَ. يعني جنهن ماڻهن جو شڪر ادا نہ ڪيو ان الله عَزَّوَجَلَّ جو بہ شُڪر ادا نہ ڪيو. (ترمذي ج 3 ص 384 حديث 1962) ﴿16﴾ ڪل ڏيڻ واري تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي سنتن ڀري اجتماع ۽ ﴿17﴾ مدني

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

قافلن ۾ سفر وغيره جي رغبت ڏياريندس ﴿18﴾ بعد ۾ ان سان رابطو رکي ڪري ڪل ڏيڻ جي احسان جي بدلي ۾ ان کي مدني ماحول ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ ﴿19﴾ اهو مدني ماحول ۾ هو ته ان کي مدني قافلي جو مسافر يا ﴿20﴾ مدني انعامات جو عامل بڻائيندس ﴿21﴾ ڪا نه ڪا وڏيڪ مدني ترڪيب ڪندس (ذميدارن کي کپي ته بعد ۾ وقت ڪڍي ڪري ڪل ڏيڻ وارن جو شڪريو ادا ڪرڻ ضرور وجو ۽ ان سڀ احسان ڪرڻ وارن کي علائقي سطح تي يا جيئن مناسب هجي گڏ ڪري مختصر نيڪي جي دعوت ۽ لنگر رسائل وغيره جي ترڪيب بڻايو، رسالن جي دعوت اسلامي جي چندي مان نه، بلڪ الڳ سان ترڪيب بڻايو) ويجهو يا پري جتان کان به ڪل ڪٽو (يا بستي جو ڪو به ڪم سنيالڻ) جو ذميدار اسلامي ڀاءُ فرمائيندا بنا انڪار جي اطاعت ڪندس. (هي نيتون تمام گهڻ آهن علم نيت سان آشنا وڏيڪ تمام گهٽيون نيتون ڪڍي سگهي ٿو)

## هڪ اهم شرعي مسئلو

هميشه قرباني جون کلون ۽ نفلي عطيات "ڪُلي اختيارات" يعني کنهن به نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ خرچ ڪيا وڃن، هن نيت سان عنايت فرمائيندا ڪيو ڇوته جيڪڏهن مخصوص ڪري ڏنا مثلاً چيو: هي دعوت اسلامي جي مدرسي جي لاءِ آهي ته هاڻي مسجد يا کنهن ٻي مد (يعني عنوان) ۾ ان جو استعمال ڪرڻ گناهه ٿيندو، ونڻ واري کي گهرجي ته جيڪڏهن کنهن مخصوص ڪم جي لاءِ به چندو وني ته احتياط ڪندي چئي ڇڏي ته اسان

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

وٽ مثلاً دعوت اسلامي ۾ بيا بہ ديني ڪم ٿيندا آهن، اوهان اسان کي ”ڪلي اختيارات“ سان ڏئي ڇڏيو تہ جيئن هي رقم دعوت اسلامي جتي مناسب سمجهي اتي نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ خرچ ڪري، ياد رهي! چندو ڏيڻ وارو ”ها“ ڪري ۽ اهو چندي يا کل وغيره جو اصل مالڪ هجي تڏهن ئي ”اجازت“ مڃي ويندي، تنهنڪري چندي يا کل پيش ڪرڻ واري کان پڇيو وڃي تہ هي ڪنهن جي طرفان آهي جيڪڏهن ڪنهن ٻي جو نالو ٻڌائي تہ هاڻي ان جو ”ها“ ڪرڻ مفيد نہ ٿيندو اصل مالڪ کان فون وغيره جي ذريعي رابطو ڪري. (زڪواة ۽ فطرو ڏيڻ وارن کان ڪلي اختيارات وٺڻ جي حاجت ناهي ڇو تہ هي ”شرعي حيلي“ جي ذريعي استعمال ڪيا ويندا آهن)

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي پاڪستان فون: 91-4921389**

**مدني التجا:** قرباني جي تفصيلي مسئلا بهار شريعت جلد 3 صفحي 337 کا 353 ۾ ملاحظ فرمايو

رقصِ بسمل کی بہاریں تو مِنٰی میں دیکھیں
دلِ خُوننا بہ فشاں کا بھی تڑپنا دیکھو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طالب غم مدينہ
بقيع ومغفرت و
بي حساب
جنت الفردوس
۾ آقا جو پاڙو



21 ذيقعده الحرام 1432 ھ

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
اَلصَّمْتُ اَرْفَعُ الْعِبَادَةِ
خاموشي اعليٰ درجي جي عبادت آهي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

# ماخذ ۽ مراجع



| مطبوعہ | کتاب | مطبوعہ | کتاب |
|---|---|---|---|
| دارالکتب العلمیۃ بیروت | مکاشفۃ القلوب | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ | قراٰنِ پاک |
| دارالمعرفۃ بیروت | الزواجر عن اقتراف الکبائر | دارالکتب العلمیۃ بیروت | صحیح بخاری |
| دارالکتب العلمیۃ بیروت | لطائف المنن والاخلاق | دارابن حزم بیروت | صحیح مسلم |
| کوئٹہ | اشعۃ اللمعات | دارالفکر بیروت | سنن ترمذی |
| ضیاء القراٰن پبلی کیشنز لاہور | مراٰۃ المناجیح | دارالمعرفۃ بیروت | سنن ابن ماجہ |
| دارالفکر بیروت | درۃ الناصحین | دارالکتب العلمیۃ بیروت | السنن الکبری |
| دارالکتب العلمیۃ بیروت | حیاۃ الحیوان | داراحیاء التراث العربی بیروت | المعجم الکبیر |
| دارالفکر بیروت | مرقاۃ المفاتیح | دارالفکر بیروت | مسند امام احمد |
| رضافاؤنڈیشن لاہور | فتاوٰی رضویہ | دارالمعرفۃ بیروت | مؤطاامام مالک |
| مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی | بہارِ شریعت | دارالمعرفۃ بیروت | المستدرک |
| مکتبہ رضویہ باب المدینہ کراچی | فتاوٰی امجدیہ | دارالکتب العلمیۃ بیروت | الجامع الصغیر |
| دارالمعرفۃ بیروت | درمختار ورد المحتار | دارالفکر بیروت | مصنف ابن ابی شیبہ |
| داراحیاء التراث العربی بیروت | ہدایہ | دارالکتب العلمیۃ بیروت | شعب الایمان |
| دارالفکر بیروت | عالمگیری | دارالکتب العلمیۃ بیروت | الفردوس بماثور الخطاب |



## هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي ٻہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو .

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| دُرود شريف جي فضيلت | 1 |
| اَبلَق گھوڙي سوار | 1 |
| چار فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم | 2 |
| ڇا قرض کڻي به قرباني ڪرڻي پوندي؟ | 3 |
| پُلصِراط جي سواري | 3 |
| قرباني ڪرڻ وارا ننهن ۽ وار نه ڪٽن | 4 |
| غريبن جي قرباني | 5 |
| مستحب ڪم جي لاءِ گناهه جي اجازت ناهي | 5 |
| قرباني واجب ٿيڻ لاءِ ڪيترو مال هجڻ گهرجي | 6 |
| وقت جي اندر شرط پايا ويا تڏهن قرباني واجب ٿيندي | 7 |
| قربانيءَ جا 12 مدني گُلَ | 8 |
| عيب دار جانورن جو تفصيل جنهن جي قرباني نه ٿيندي | 10 |
| ذبح ۾ ڪيتريون رڳون ڪٽڻ گهرجن؟ | 12 |
| قربانيءَ جو طريقو | 13 |
| قرباني جو جانور ذبح ڪرڻ کان اڳ هي دعا پڙهي وڃي | 13 |
| ٻڪري جنّتي جانور آهي | 14 |
| جانورن تي رحم جي اپيل | 14 |
| مرڻ کان پوءِ مظلوم جانور مُسلط ٿي سگهي ٿو | 15 |
| قربانيءَ جي وقت تماشو ڏسڻ ڪيئن آهي؟ | 17 |
| ذَبيحه کي آرام پهچايو | 18 |
| جانور کي بکيو پياسو ذبح نه ڪيو | 18 |
| ٻڪري ڇري ڏانهن ڏسي رهي هئي | 19 |
| ذبح جي ٽنگ نه ڇڪيو! | 20 |
| مک تي رحم ڪرڻ مغفرت جو سبب بڻجي ويو | 20 |
| مک کي مارڻ ڪيئن | 20 |
| قرباني ۾ عقيقي جو حصو | 21 |
| اجتماعي قرباني جو گوشت وزن ڪري ورهايو | 21 |
| اندازي سان گوشت ورهائڻ جا ٻه حيلا | 22 |
| قرباني جي گوشت جا ٽي حصا | 23 |
| وصيت جي قرباني جي گوشت جو مسئلو | 23 |
| ڇهه سوال جواب | 23 |
| چندي جي رقم سان اجتماعي قرباني جي لاءِ ڳئون خريدڻ | 23 |
| غريبن کي کلون وٺڻ ڏيو | 24 |
| کلن جي لاءِ اجائي ضد نه ڪيو | 25 |
| سني مدرسن جون کلون نه ڪٽو | 25 |
| سني مدرسي کي کل پاڻ ڏئي اچو | 26 |
| قرباني جي کل وڪڻي ڇڏي ته؟ | 27 |
| ڪاسائي جي لاءِ 20 مدني گل | 28 |
| گوشت جا 22 اجزا جيڪي نٿا کائجن | 36 |
| رت | 37 |
| حرام مغز | 38 |
| سخت رڳون | 38 |
| گدود | 39 |
| خصيا | 39 |
| اوجهري | 39 |
| 22 نيتون ۽ احتياطون | 40 |
| هڪ اهم شرعي مسئلو | 43 |

